شرف الدين ٽالپر

# شاهہ لطيف ۽ خواجہ محمد زمان جي ملاقات

***Abstract***

*Sufi saints and poets enjoy unique position in our society. They are extra-ordinary personalities and in a way are teachers of the masses.*

*An event described in this paper is based on a spiritual discourse between great two sufi poets of Sindh – viz: Shah Abdul Latif of Bhit and Sultan-ul-aulia Khuwaja Mohammad Zaman of Luwari.*

*It took place in Luwari. While visiting Thatta, Jati & Badin, and meeting friends of lower sindh, Shah Abdul Latif reached Luwari to meet saint poet Khuwaja Mohammad Zaman. Both the sages had spiritual discourse, in verses.*

*Details of this event were first mentioned in books of writers connected with the Shrine of Luwari and Mir Ali Sher Qane. Dr. H.M Gurbaxani mentioned the event in his book “Luwari-e-Ja Lal” (1934-A.D./1352-A.H.). The present paper is based on fresh sources .*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**شاهہ لطيف** ۽ خواجہ محمد زمان جي ملاقات علمي، ادبي ۽ روحاني لحاظ کان اهم ليکي وڃي ٿي، مگر سنڌ جي تاريخن ۾ ان جو تمام مختصر ذڪر آيل آهي. هيستائين جيڪي بنيادي ماخذ مليا آهن تن ۾ سڀ کان پهرين مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي ڪتاب ”تحفتہ الڪرام“ ۽ ”مقالات الشعراء“ ۾ ٻنهي بزرگن جو تمام مختصر ۽ جدا جدا ذڪر ڪيو آهي. مير صاحب سندن همعصر ليکڪ هو. تنهن کان پوءِ مير بلوچ خان ٽالپر جي لکيل ڪتاب ”فردوس العارفين“ ۾ صرف ايترو ذڪر اچي ٿو تہ شاهہ لطيف هڪ دفعي لواري شريف آيو هو ۽ خواجہ محمد زمان سان ملاقات ڪئي هئائين.[(1)] 1845ع ۾ مير نظر علي ٽالپر ڪتاب ”مرغوب الاحباب“ ۾ خواجہ زمان جي

سوانح عمري لکي آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف جي اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو تاريخ ۾ ملاقات جي نالي سان مشهور آهي. ان احوال ۾ ٻنهي بزرگن جي سوال جواب وارا بيت پڻ شامل آهن جيڪي بنيادي ڄاڻ مهيا ڪن ٿا.[2] گهڻي عرصي گذرڻ بعد آڪٽوبر 1933ع ۾ سنڌ جي مايهءِ ناز محقق ڊاڪٽر گربخشاڻي ماهوار سنڌو ۾ ”شاهه جي حياتيءَ تي نئين روشني“ جي عنوان سان هڪ مضمون لکي پهريون دفعو مرغوب الاحباب جي روايت جي آڌار تي شاهه لطيف ۽ خواجه محمد زمان جي ملاقات کي منظر عام تي آندو هو.[3]

خواجه محمد زمان جا ٽي مسڪن: قديم لواري شريف، ٿٽو ۽ موجوده لواري شريف رهيا آهن. انهن کان سواءِ وڏن جي مزارن جي زيارت لاءِ ڪڇ ويندو هو. هڪ دفعو ٺٽي کان لاهري بندر پڻ ويو هو. ڪيس مرشد خواجه ابوالمساڪين ڪنهن ڪم جي تڪميل واسطي گهرايو هو.[4] باقي سير و سفر بابت ذڪر ڪٿي به موجود ڪونهي. شاهه لطيف جي ته سڄي زندگي سير ۽ سفر ڪندي گذري، سنڌ جو چپو چپو گهميو. عام ماڻهن، عالمن، عارفن ۽ شاعرن سان هلي وڃي رهاڻيون رچايائين. تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب سير ۽ سفر جي شروعات جواني کان ئي ڪئي هئي. ننڍي ڄمار ۾ ميين عنايت رضويءَ سان به مليو هو. ميين عنايت رضويءَ جي وفات 1120ھ کان 1125ھ دوران ٿي آهي.[5] ان وقت شاهه لطيف جي ڄمار 18 کان 23 سال هئي. شاهه لطيف جي ڦوهه جوانيءَ کان شاهه عنايت جهوڪ واري سان پڻ گهڻي صحبت هئي. ساڻس ملڻ لاءِ جهوڪ شريف ويندو رهندو هو. هڪ دفعي شاهه عنايت ملندي هي بيت چيو ته:

ڏسي ڏونگر ڏار، متان هلڻ ۾ هيٺي ٿئين،
ڪي مجازاڻيون موٽيون، سٽي پند پچار،
پويون پائج پرينءَ ڪي حقيقت جو هار،
سگهي لهندءِ سار، آريچا عنايت چئي.

شاهه لطيف وري جواب ۾ هن طرح چيو ته:

پسي ڏونگر ڏاهه! جم هلڻ ۾ هيٺي وهين
لانچي لڪ لطيف چئي، پٽيءَ ڪيچن ڪاهه،
پڇي پورج، سسئي! بلوچاڻي باهه،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اِن وڙائـتـي ور جـي، آسـر هَـڏَ مَ لاهـ،
جـو اکـنـئـون اوڏو آهـ، سـو پـريـن پـرانـهـون مَ چـئـو.[6]

1130هه (1718ع) ۾ شاه عنايت شهيد ٿي ويو.[7] ان وقت شاه لطيف جي عمر 28 سال هئي. شاه شهيد جي سچي معاملي کان شاه لطيف چڱي طرح واقف هو. صوفي شاه عنايت کان پوءِ شاه لطيف جو اهم ساٿاري مخدوم محمد معين ٺٽوي (جنم 1102هه)[8] وڃي بچيو هو. جنهن سان شاه صاحب جي اڳئي گهٽي پريت هئي. هي ٻئي هم عمر ۽ شاه عنايت جا صحبتي هئا. مخدوم محمد معين بنيادي طور تي نقشبندي سلسلي سان تعلق رکندو هو. نقشبندي بزرگن خواجه ابوالقاسم، خواجه ابوالمساڪين ۽ خواجه محمد زمان جو صحبتي هو. شاه لطيف ساڻس ملڻ لاءِ سگهو سگهو ٺٽي ويندو رهندو هو. فلسفي، قرآن ۽ حديثن جي روشنيءَ ۾ صوفي ازم ۽ ٻين سياسي، سماجي ۽ مذهبي معاملن تي تبادلو ڪري ٺَڪ لاهيندو هو. مگر هڪ دفعي شاه لطيف پنهنجي ڳوٺ ڀٽ ۾ فقيرن کي چيو ته اڄ هلو ته هلون ٺٽي ۽ پنهنجي يار جو آخري ديدار ڪري اچون. پوءِ شاه صاحب سٽ سميت ٺٽي آيو ۽ مخدوم محمد معين وٽ محفل مچايائين. جنهن وقت محفل زور ورتو ته مخدوم محمد معين اٿي حُجري ۾ ويو ۽ جلد ئي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيائين. شاه صاحب سندس جنازي ۾ شريڪ ٿيو ۽ تدفين بعد پنهنجي ڳوٺ موٽندي فقيرن کي چيائين ته "ٺٽي ۾ مخدوم معين جي ڪري اچڻ ٿيندو هو، بس هاڻي هتي اچي ڇا ڪبو." جنهن کان پوءِ شاه صاحب ٺٽي نه آيو. هي واقعو 1161هه جو آهي.[9] ان وقت شاه صاحب جي عمر 59 سال هئي. عمر جي تمام آخري حصي ۾ داخل ٿي چڪو هو. وقفه وقفه سان سندس اهم ساٿي به ساٿ ڇڏيندا ويا جن سان رهاڻيون رچائيندو هو. انهن کان پوءِ سنڌ ۾ شاه صاحب جي علمي سطح جو بزرگ خواجه محمد زمان ئي هو، جنهن سان هو پنهنجي اندر جا حال اوري پئي سگهيو. خواجه محمد زمان 1150هه ۾ موجوده لواري شريف جو شهر قائم ڪيو هو.[10] تڏهن سندس عمر 25 سال هئي. خواجه محمد زمان ان کان اڳ ئي يعني مرشد خواجه ابوالمساڪين ۽ والد شيخ حاجي عبداللطيف جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي علمي اهميت ۽ بزرگانه عظمت مڃرائي چڪو هو، مگر موجوده لواري شريف ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ سندس مقبوليت ۾ ويتر اضافو آيو. هزارين علمي، ادبي ۽ روحاني پياس رکندڙ انسان لواريءَ ڏانهن رجوع ٿيا. لواري شريف سنڌ اندر علم، ادب، عشق ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عرفان جو مرڪز بنجي ويئي. ان دور ۾ شاهه لطيف مقبوليت جي بلندين تي فائز هو. جڏهن خواجه صاحب جي هاڪ جو پڙلاءُ سندس ڪنن تي پيو ته ساڻس ملڻ جو شوق ٿيس. پوءِ سهي سنيري پٽ ڪان لواري شريف پهتو. خواجه صاحب جي حجري سامهون در تي بيهي، فقير کي چيائين اندر وڃي ملڻ جي اجازت وٺي اچ. خادم اندر وڃي خواجه صاحب کي اطلاع ڏنو. پاڻ چيائون ته سيد صاحب کي چئو اسان سندس استقبال لاءِ ٻاهر اچون ٿا. خادم اهو نياپو شاهه صاحب کي اچي ڏنو. شاهه صاحب خادم کان پڇيو ته پاڻ ڪهڙي ڪم ۾ رُڌل هئا. خادم جواب ڏنو پاڻ خاموش ويٺل هو. جنهن تي شاهه صاحب چيو ان مشغوليءَ ۾ ڪڏهن واندو ٿيندو جو اسان ڏي متوجه ٿيندو. هلو ته اندر هلون. شاهه لطيف خواجه محمد زمان سامهون اچي هي بيت چيو:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جنين هيناٺون ڪنڌ، آئون نه جيئندي ان ري.

جواب ۾ خواجه صاحب چيو:

ڪين آهين، ڪين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا "لا" سين سين لهراءِ،
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

انهيءَ تي وري شاهه صاحب چيو:

قلم وهي ويو ڪانهه، سرتيون! ڪنهن سهاڳ لئه،
انگ اڳيئي لکيو، ات نه پهچي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان دانهن، ته پرين مون سين هئين ڪيو.

خواجه صاحب وراڻيو:

ويهه وڃي وٺ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،
ميٺي انگ اڳيون، واري ٻيو لکن،
پنو سو پاڙهن، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

انهيءَ صوفياڻي بيت بازي بعد باقاعده ڪچهري شروع ٿي. شاهه صاحب سوال ڪيو ته "فنا ڪانپوءِ ڇا آهي؟ ان جي ڪا ڪل آهي؟" خواجه صاحب جواب ڏنو ته "فنا کان اڳ ڇا آهي؟" هن جواب شاهه لطيف جي دل تي تمام گهڻو اثر ڪيو ۽ عرض ڪيائين ته "ارادو اٿم ته توهان جو مريد ٿيان." خواجه صاحب جواب ڏنو ته "سماع ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سرود اسان جي طريقي نقشبنديءَ ۾ سواءِ ڪن مشروعي موقعن جي منع ڪيل ۽ حرام آهي.“ جنهن تي شاهه صاحب چيو ته ”سچي زندگي سماع ۽ سرود ۾ صرف ڪئي اٿم، جنهن کي هينئر ترڪ ڪرڻ مون لاءِ محال آهي.“ پوءِ ٻي رهاڻ ۾ مشغول ٿي ويا.[11] مٿئين مريد ٿيڻ واري واقعي کي ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر پنهنجي پي ايچ ڊي ٿيسز ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ ۾ هِن طرح لکي ٿو ته، ”خواجه محمد زمان شاهه لطيف کي پنهنجي صوفي طريقي ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت سان گڏ مريد ٿيڻ جو مشورو ڏنو، جنهن سان شاهه صاحب کي قدري ڏک رسيو، ڇاڪاڻ ته شاهه صاحب آزاد ذهن انسان هو.“ [12] سوڍر صاحب مٿئين بيان جو حوالو مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب ”احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ تان ڄاڻايو آهي، پر قليچ جي هِن ڪتاب ۾ خواجه صاحب ۽ شاهه لطيف جي ملاقات وارو ذڪر ئي نه آهي.

بهرحال ملاقات واري بيان مان پلي پت پتو پوي ٿو ته مريد ٿيڻ جو ارادو شاهه لطيف خود ظاهر ڪيو هو، مگر خواجه صاحب سماع ۽ سرود کي ڇڏڻ جو چيو هو، جيڪو نقشبندي طريقي ۾ لاڳو نه آهي. تنهن ڪري شاهه لطيف مريدي حلقي ۾ داخل ٿي نه سگهيو. ان جي باوجود موڪلاڻيءَ مهل شاهه صاحب کي خواجه صاحب خليفت جي اجرڪ اوڍائي هئي، جنهن کي شاهه صاحب بي حد محبت سان سنڀالي رکيو ۽ وفات وقت وصيعت ڪيائين ته ”منهنجو ڪفن هن اجرڪ مان ڪجو“ پوءِ اها اجرڪ وفات بعد ڪفن جي مٿان وڌي ويئي ۽ دفن بعد سندس مزار تي پڙ ڪري چاڙهي ويئي. شاهه لطيف، خواجه محمد زمان کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. سندس شان ۾ هميشه هي بيت چوندو هو ته:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،  
تنين سندي ڪا، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

جڏهن شاهه لطيف موڪلائي روانو ٿيو، تڏهن خواجه محمد زمان چيو ته ”اسان جي صحبت اختيار ڪيائين، مگر همت نه ٿيس جو اسان جي طريقت ۾ داخل ٿئي. جي ٿئي ها ته اهڙي عميق ۾ غوطا ڪارايونس ها، جو وري پنهنجي نالي نشان جو به سماءُ ڪون پويس ها.“ انهيءَ تي هڪ مريد حضرت جن ڪان شاهه صاحب جي منزل بابت پڇا ڪئي. خواجه صاحب جواب ڏنو ته ”هن جي منزل اوهان جهڙي آهي، يعني هو به اوهان وانگر صاحبدل آهي. مگر صاحبدل ٿيڻ ڪا سٿري ڳالهه نه آهي، هڪ وڏي دولت آهي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جا سپاڳن کي ئي ملي ٿي ۽ سواءِ فنا جي هرگز حاصل نہ ٿي ٿئي.“ پوءِ فنا جي مفصل سمجهاڻي ڏيئي هي بيت چيائون:

جيئنءَ چتونءَ کي خزران، تيئن مون پاڙون سپرين،
هُن وڃائي جان، مون نشاني نہ ليي.[13]

شاهہ لطيف ۽ خواجہ محمد زمان جي ملاقات بابت هڪ ٻي روايت محمد سومار شيخ، پريي فقير سولنگيءَ جي حوالي سان پنهنجي مقالي ۾ ڏني آهي، جيڪا تحقيق جي ميدان ۾ بلڪل بي بنياد آهي. پريي فقير ڪيس ٻڌايو تہ ”اسان جا فقير پٽ ڌڻيءَ جي خواجہ محمد زمان سان ملاقات جي ڳالهہ هن ريت ڪندا آهن تہ، پٽ ڌڻي جيئن ٻين بزرگن سان ملندو پئي آيو ائين خواجہ صاحب سان بہ ملاقات ڪيائين. شاهہ صاحب جڏهن خواجہ صاحب ڏانهن وڃي رهيو هو تہ، روحاني منزل وسيلي خواجہ صاحب کي معلوم ٿيو تہ پٽ ڌڻي ملاقات لاءِ اچي رهيو آهي. جڏهن شاهہ صاحب، خانقاہ اندر پير رکيو، تڏهن خواجہ محمد زمان جن فرمايو:

ڪپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيرئين،
جتي منجهڻ ماڻهين، سڄڻ اتي سير،
اِن پون سندو پير، ڪوڙين مان ڪولهي.

اهو ٻڌي پٽ ڌڻي فرمايو تہ:

ڪپيريان پري، ڪُٻڌي ٻڌائون،
انهيءَ وٿان آءٌ، رهي آيس راتڙي.

انهيءَ ڪان پوءِ پاڻ ٻئي گڏجي وينا، روح رهاڻ ڪيائون. آخرمانيءَ جو ٽائيم ٿيو، تڏهن ماني آئي. خواجہ محمد زمان جو دستور هو تہ، هُو ٻين جي مُنهن تي ماني نہ ڪائيندو هو. مانيءَ جي وقت مريدن ڪپڙو ڏيئي خواجہ صاحب کي شاهہ صاحب کان ڌار ڪيو. اهو ڏسي ڀٽائي صاحب کي ڏک ٿيو ۽ فرمايو تہ:

گندي ۽ گراهہ، جن سناسين سانديو،
انهن ڪان الله، اجان آڳاهون ٿيو.

انهيءَ ڪان پوءِ موڪلاڻي ٿي. خواجہ صاحب چيو تہ ”آءٌ ڌڻي ڪان ڌار رهي نہ ٿو سگهان.“ خواجہ صاحب جا لفظ آهن تہ:

”جيئن چتونءَ کي خزران، تيئن مون پاڙو سپرين.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جواب ۾ شاهہ صاحب چيو تہ:

”تو وڃائي جان، مون نشاني نہ لڌي“

اهڙي طرح انهن ٻنهي بزرگن جي ڪچهري اختتام تي پهتي.[14]

محمد سومار شيخ پاران پيش ڪيل مٿئين ضعيف روايت کي محترم آزاد قاضي هيٺين بنيادن تي غلط ثابت ڪري ٿو.

(الف) خواجہ صاحب جا جيڪي بہ محقق آهن، تن منجهان ڪنهن بہ مٿي ذڪر ڪيل بيتن جو ذڪر نہ ڪيو آهي، ان ڪري ڊاڪٽر دائود پوٽي واري ابيات سنڌي ۽ ان کان پوءِ وارن ابيات سنڌي جي مختلف نسخن يا ڪنهن ٻئي مستند ڪتاب ۾ اهڙو ذڪر يا خواجہ صاحب ڏانهن منسوب ڪيل بيت ڪونہ ٿو ملي.

( ب) خواجہ صاحب پاران ڪپڙو ڏياري ڏار ماني ڪائڻ واري ڳالهہ تان شاهہ لطيف جو ڏڪارو ٿيڻ واري روايت پڻ ان ڪري بہ صحيح نظر نہ ٿي اچي جو سواءِ ان هڪڙي حوالي جي ٻئي هنڌ ڪٿي بہ اها نہ ٿي ملي. ان ڪانسواءِ جنهن شعر ”گندي ۽ گراهہ جن سنياسين سانديو“ کي بنياد بڻايو ويو آهي، اهو مختلف راوين مختلف واقعن واري حوالي سان ٻئي هنڌ بيان ڪيو آهي. مثال طور: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي بابت ”لطائف الطيفي“ ۽ ”لطف اللطيف“ ۾ آيل روايت جي بنياد تي لکي ٿو تہ جڏهن مخدوم صاحب، شاهہ صاحب کان ساز بند ڪرائڻ واري خيال سان وٽن کِهي آيو ۽ شاهہ صاحب سڀ ساز ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرائي ڇڏيا، پر پوءِ جڏهن شاهہ صاحب ڪچهريءَ ۾ مشغول ٿيو تہ ساز خود بخود وڄڻ لڳا تہ اهو حال ڏسي مخدوم صاحب متاثر ٿي، شاهہ صاحب کان محبت سان موڪلايو ۽ ان موقعي تي کيس چيائين تہ، ”اسان کي ڪو نصيحت جو بيت ٻڌايو.“ پٽائي صاحب جواب ۾ هي بيت پڙهيو تہ:

گندي ۽ گراهہ، جن سنياسين سانديو،
تنين کان الله، اجا آڳاهون ٿيو.

(ٻ) شاهہ صاحب جا سمورا اوائلي محقق ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ شاهہ صاحب خواجہ صاحب جي ان ملاقات کان متاثر ٿي اڪثر چوندو هو تہ:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه صاحب پاران اهڙي عقيدت مندانہ اظهار منجهان پڻ اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ محمد سومار شيخ پاران ڳولي لڌل مٿين روايت صحيح ڪونهي.[15]

محمد سومار شيخ جي مذڪوره روايت ۾ ڪجهہ بيت پڻ اڳتي پوئتي ڪري پيش ڪيا ويا آهن، جيئن "ڪپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيرئين" خواجہ محمد زمان جو ۽ "ڪپريان پري، ڪٻڏي ٻڏائون" شاهہ لطيف جو ڪري ڄاڻايو ويو آهي، حالانڪہ مٿيون بيت "ڪپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيرئين" خواجہ محمد زمان جو نہ بلڪہ شاهہ صاحب جو آهي. هيٺيون بيت:

"ڪپيريان پيري، ڪٻڏي ٻڏائون" خواجہ محمد زمان جو چيل آهي.

محمد پناهہ قرڙي "لواريءَ جا لال" ياڳي ڀئي ۾ هي بيت خواجہ محمد زمان ڏانهن منسوب ڪيو آهي ۽ هن طرح لکيو اٿس:

ڪُ پيري اوري رهي، ڪُ ٻُڏ ٻڏائون،
اتاهين آئون، رهيو اچان راتڙي.[16]

ڪن روايتن ۾ ايئن بہ اچي ٿو تہ شاهہ لطيف خواجہ محمد زمان جي هاڪ ٻڌي هي بيت "ڪُپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيرين" ڪنهن جي هٿان چوائي موڪليو هو. خواجہ محمد زمان ان بيت جي جواب ۾ وري هي بيت موڪليو تہ "ڪُپيريان اوري، ڪُٻڏي ٻڏائون" جنهن ڪان پوءِ شاهہ صاحب ڪي ملاقات جو شوق ٿيو ۽ لواري شريف ڪهي آيو. جيئن مَهان ڪَوي شيخ اياز پڻ بدين ۾ هڪ سيمينار جي صدارتي تقرير ڪندي اهڙو ذڪر ڪيو هو تہ "پٽائي جا گهٽيئي گهٽگهرا هئا ۽ انهن مان مکيہ خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو هو، جيڪو هِن ضلعي (بدين) جو هو. هڪ پيري ان ڪي پٽائي بيت ڏنو هو تہ:

ڪُپيريءَ ۾ پير، پاتو ڪنهين پيريئن،
اِن پيونءَ سندو پير، ڪوڙين مان ڪوئي لهي.

جنهن تي خواجہ محمد زمان جواب ڏنو هو تہ:

ڪپيريان اوري رهيا، اَٻُڏ ٻُڏائون،
اتانهين آئون، رهي آيس راتڙي.[17]

ان ڪان سواءِ انداز اسلوب مان پڻ پتو پوي ٿو تہ اهو بيت خواجہ محمد زمان جو آهي. ڪن ليکڪن لفظ "ڪُ ٻُڏ" لکيو آهي تہ ڪن وري "اَٻڏ" لکيو آهي. لفظي معنيٰ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻنهي جي ساڳئي آهي يعني اڻ ٻڌل يا اڻ سڻل (روحاني مقام). [18]

شاهه صاحب جي رسالي ۾ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام داخل ٿي ويو آهي، ايئن خواجه محمد زمان جا به ڪيترائي بيت شاهه جي رسالي ۾ شامل آهن، جنهن لاءِ شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ واري شرح، جنهن جو علامه دائود پوٽي پاران ڪيل سنڌي ترجمو يعني "ابيات سنڌي" ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو لکيل ڪتاب "لواريءَ جا لعل" جو مطالعو ڪبو ته بيتن کي سمجهڻ ۽ الڳ ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي. ان ڪان علاوه خواجه صاحب جي فڪر جو اڀياس ڪبو ته سندس فڪري اڏام تمام بلند نظر ايندي، جيڪا ڪلام ۾ پڌري پٽ ظاهر آهي. ان سان پڻ سمجهي سگهبو ته خواجه صاحب ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ ڪيترو ۽ ڪهڙو فرق آهي.

المقصد ٻنهي بزرگن جي وچ ۾ هي اهم ملاقات شاهه صاحب جي عمر جي آخري ايامن ۾ ٿي آهي، جنهن ڪري غالب گمان آهي ته اها ملاقات 1160هه ڪان پوءِ ٿي هجي. ڪيترن ئي ليکڪن اهڙا اشارا ڏنا آهن، جيئن ڊاڪٽر علامه دائود پوٽو لکي ٿو ته "ڪهڙي نه عجيب ڳالهه چئجي جو شاهه لطيف جهڙو برگزيدو اولياء ۽ عظيم شاعر پيري زهريءَ ۾ ڪهي پنهنجي شاگرد جي شاگرد وٽ زيارت لاءِ اچي." [19] ٻين حوالن ۾ ائين به اچي ٿو ته شاهه صاحب پيريءَ ۾ لواري شريف ويو هو ۽ ملاقات ڪان پوءِ باقي زندگي پٽ تي ئي مراقبه ۾ گذاري هئائين. هن حوالي سان ڊاڪٽر گربخشاڻي وري هن طرح کوجنا ڪئي آهي: "جيڪڏهن اسين شاهه جي حياتيءَ جي ڪن مکيه واقعن تي ويچار ڪنداسين ته اسان کي ملاقات جي تاريخ تخميني روءِ ملي سگهندي. شاهه جو جنم سن 1102هه (1689ع) ۾ ٿيو ۽ سندس وفات 1165هه (1752ع) ۾. پنهنجي حياتيءَ جو ڪجهه حصو ڪوٽڙيءَ ۾ اباڻي چنن هيٺ گذاريائين، پر جڏهن سندس پيءُ شاهه حبيب رحلت ڪئي، تڏهن ڪوٽڙيءَ مان لڏي وڃي ڀٽ وسايائين. شاهه حبيب جي وفات سن 1155هه (1742ع) ۾ ۽ شاهه جي وفات جيئن مٿي ڄاڻايل آهي سن 1165هه (1752ع) ۾ ٿي. هن مان ظاهر آهي ته شاهه لواريءَ سن 1155هه (1742ع) ۽ سن 1165هه (1752ع) جي وچ ۾ ويو هوندو ۽ ان وقت سندس عمر 53 ۽ 63 ورهين جي وچ ۾ هوندي، پر ڪنهن به صورت ۾ سن 1150هه (1737ع) ڪان اڳ نه ويو هوندو، ڇو ته خواجه محمد زمان جو جلوس ئي ان سال ۾ ٿيو." [20]

شاهه صاحب خواجه محمد زمان ڪان 23 سال عمر ۾ وڏو هو. [21] عمر جي فرق

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ پوڻ جي ضرورت ڪونهي. ٻنهي بزرگن جو علمي، ادبي ۽ روحاني مقام تمام اعليٰ آهي. اگر شاهه صاحب وڏي عمر ۾ پنهنجي شاگرد (محمد صادق) جي شاگرد وٽ هلي ويو هو ته ان ۾ ڪو به هرج نه آهي، نه ئي سندس شان، مان ۽ مرتبي ۾ ڪا ڪمي آئي هئي. ٻئي بزرگ هڪ ٻئي جو بي حد قدر ڪندي احترام سان پيش آيا هئا، جنهن لاءِ خواجه صاحب طرفان استقبال لاءِ پنهنجي حجري کان ٻاهر اچڻ جو ارادو، شاهه صاحب جو بيت "مون سي ڏٺا ماءِ" ۽ خواجه صاحب جو بيت "جيئڻ چتون لئه خزران" اِن ڳالهه جو چٽو ثبوت آهن. انهن کان سواءِ شاهه لطيف خواجه صاحب طرفان مليل اجرڪ کي انتهائي محبت سان سنڀالي رکيو ۽ ڪفن ڪرڻ جي وصيعت پڻ ڪيائين. سڀ کان اهم ڳالهه هي به آهي ته لواري شريف ۾ جنهن جاءِ تي شاهه صاحب کي خواجه محمد زمان ترسايو هو ۽ ملاقات ڪئي هئي ان کي خصوصي طور تي اڄ ڏينهن تائين قائم رکيو ويو آهي، جيڪا هن وقت درگاهه سان گڏ اوقاف کاتي جي سنڀال هيٺ آهي.

ملاقات جي حوالي سان سوچڻ جو اهم پهلو هي آهي ته ٻنهي بزرگن جو روحاني مرتبو ته بلڪل اهميت رکي ٿو، مگر ان دور ۾ سنڌ توڙي برصغير اندر سياسي، سماجي ۽ مذهبي صورتحال تمام ڳنڀير هئي. رياستي رکوالا مذهب کي ڍال بنائي انساني قدرن کي ڪچلي رهيا هيا. برصغير هندو توڙي مسلم جو گڏيل خطو هو. انتهاپسندي ٻنهي لاءِ بي حد خطرناڪ هئي. مذهب ۽ رياست جي نالي تي تمام گهڻي انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي هئي. هن دور ۾ ئي شاهه صاحب جو اهم ساٿاري شاهه عنايت جهڙو عظيم عارف ۽ صوفي حڪمران طبقي، مذهبي عالمن ۽ سرمائيدارن جي سازش سان شهيد ٿيو هو. ان کان ڪجهه وقت اڳ ۾ صوفي دارا شڪوه پڻ انسانيت جي ڳالهه ڪندي شهادت ماڻي هئي. مذهبي حوالي سان هندو ته ويل ۾ هئا ڇو ته سنڌ سميت سڄي برصغير تي مسلمانن جي حڪومت هئي ۽ هر ڳالهه ۾ مذهبن جو ناجائز استعمال هو. اهڙي شدت پسنديءَ واري عالم ۽ انڌوڪار دور ۾ خواجه محمد زمان ۽ شاهه لطيف جهڙا عالم ۽ بزرگ پاڻ ۾ ملن ۽ اهڙن عوامي مسئلن تي گفتگو نه ڪن اهو ڪيئن ممڪن آهي. ڇو ته صوفياء ڪرام مذهبي ريتن رسمن کان تمام بالا آهن ۽ انهن جو اهم مقصد ئي خدمت ۽ انساني برابري آهي. ٻنهي بزرگن جي ڪلام ۾ به ڪنهن مذهب جي پاسداري نظر نه ٿي اچي. هنن صرف انسانيت ۽ حق کي حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي، پر افسوس جو هن اهم علمي، ادبي ۽ روحاني ملاقات جي حوالي سان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اهڙي ڪا بہ تفصيلي معلومات ميسر نہ ٿي سگهي آهي تہ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون ۽ ڪهڙا نتيجا نڪتا، اگر تفصيل موجود هجي ها تہ موجوده دور ۾ ڪيترو ڪارآمد ثابت ٿئي ها.

قبلو قلوبن جو، سيت حاضر هوءِ،
پرو جن کي پوءِ، مڙهي تن مهت ٿي.

## حوالا


1. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر. "شرح ابيات سنڌي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو. 2008ع ص. 58
2. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. "ڪنز اللطيف"، مهراڻ اڪيڊمي، واڳڻو در شڪارپور. اپريل 2009ع ص.7.
3. قاضي، آزاد. "سلطان اولياء خواجہ محمد زمان هڪ مطالعو"، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/ لاڙڪاڻو 2002ع. ص 74.
4. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر. "لواريءَ جا لال"، انتظاميہ جماعت درگاھ لواري شريف 1973ع. ص 49
5. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. "سنڌي ادب جي تاريخ" (جلد پهريون)، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي 2004ع ص 45.
6. آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاھ جو رسالو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1997ع. ص 19
7. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. "سنڌي ادب جي تاريخ" (جلد پهريون)، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي 2004ع. ص 179
8. حضور بخش، صوفي. "صوفي شاھ عنايت شهيد" سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 2007ع. ص 177
9. قانع، مير علي شير، "تحفتہ الڪرام" (سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1976ع. ص 564
10. دائود پوٽو، عمر بن محمد، "ابيات سنڌي"، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاھ حيدرآباد سنڌ 1994ع. ص 19
11. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر. "لواريءَ جا لال"، انتظاميہ جماعت


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

درگاهہ لواري شريف 1973ع. ص 60

12. سوڍر، شاهنواز ڊاڪٽر. ”سنڌي ثقافت ۽ شاهہ لطيف“، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ/حيدرآباد سنڌ 1991ع. ص 233

13. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر. ”لواريءَ جا لال“، انتظاميہ جماعت درگاهہ لواري شريف 1973ع. ص 61

14. شيخ، محمد سومار، ”شاهہ جون ملاقاتون“، ماهنامہ نئين زندگي ڪراچي، آڪٽوبر 1986.

15. قاضي، آزاد، ”سلطان اولياء خواجہ محمد زمان هڪ مطالعو“، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/ لاڙڪاڻو 2002ع. ص 74.

16. ڦرڙو، محمد پناهہ، ”لواريءَ جا لال“ (ڀاڱو ٻيو)، مئنيجنگ ڪاميٽي جماعت لواري شريف 1983ع. ص 7.

17. شيخ اياز ”بدين ثقافتي ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي تقرير“، پرک، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي 77 ـ 1976ع. ص 74.

18. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. ”جامع سنڌي لغات“ (جلد اول)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 2007ع ص 99.

19. دائود پوٽو، عمر بن محمد، ”ابيات سنڌي“ شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاهہ حيدرآباد سنڌ. 1994ع ص 20.

20. قاضي، آزاد، ”سلطان اولياء خواجہ محمد زمان هڪ مطالعو“ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/ لاڙڪاڻو. 2002ع ص 74.

21. جوڻيجو، عبدالجبار ڊاڪٽر. ”سنڌي ادب جي تاريخ“ (جلد پهريون)، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي 2004ع. ص 192.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair